القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ
اجهو چوندا بي سمجهه ماڻهو ڪنهن ڦيرايو انهن کي سندن قبلي کان جو
ماڻهن منجهان ڪي بي سمجهه سگهو چوندا تہ انهن (مسلمانن) کي سندن اُن قبلي، جنهن ڏي (نماز پڙهندا) هئا

كَانُوْا عَلَيْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ؕ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ
هئا انهي تي، چؤ الله جو آهي اوڀر ۽ اولهہ، هلائي ٿو جنهن کي چاهي
تنهن کان ڪهڙيءَ ڳالهہ ڦيرايو؟ (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، اوڀر ۽ اولهہ الله جو آهي جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي

اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا
رستي سنئين تي، ۽ اهڙيءَ طرح ڪيوسون توهان کي امت پلاري جئن هجو
سڌي وات ڏيکاريندو آهي. ۽ (جهڙيءَ طرح اوهان جو قبلو پلو ڪيوسين) اهڙيءَ طرح اوهان کي پلي امت ڪيوسون تہ

شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ وَمَا
شاهد ماڻهن تي ۽ هجي رسول توهان تي شاهد، ۽ نہ
ماڻهن تي شاهد هجو ۽ پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان تي شاهد هجي، ۽ (اي پيغمبر!) جنهن (طرف) تي

جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ
مقرر ڪيو اسان اهو قبلو جنهن تي (اڳي) هئين مگر ڏسون تہ ڪهڙو پوئلڳ ٿئي ٿو رسول جو
(اڳي) هئين تنهن کي قبلو مقرر نہ ڪيو هيوسون، پر هن لاءِ تہ جيڪو پيغمبر جي پٺيان لڳي تنهن کي

مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ؕ وَاِنْ كَانَتْ لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى
۽ ڪهڙو ڦري ٿو پنهنجين ڪڙين تي، ۽ بيشڪ هئي اها وڏي ڳالهہ پر نہ انهن تي
انهيءَ کان نکيڙيون جيڪو پنهنجين ڪڙين (پرپوءِ) تي ڦري، ۽ بيشڪ (اهو) جن کي الله هدايت ڪئي تن کان سواءِ

الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيْعَ اِيْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
جن کي راهہ ڏيکاري الله، ۽ الله اهڙو نہ آهي جو وڃائي توهان جو ايمان، يقينن الله
(ٻين تي) ضرور ڏکيو آهي، ۽ الله جو شان اهو نہ آهي جو اوهان جي ايمان کي وڃائي، ڇو تہ الله ماڻهن سان

بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٣﴾ قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ
ماڻهن تي نرمي ڪندڙ رحم وارو آهي، اسان ڏسون ٿا ڦرڻ تنهنجي منهن جو آڀ ڏانهن،
يقينن شفقت ڪندڙ مهربان آهي. (اي پيغمبر!) آسمان ڏانهن تنهنجو (هر هر) منهن ڦيرائڻ بيشڪ ڏسون ٿا،

فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۠ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ
پوءِ ضرور ڦيرائينداسون توکي ان قبلي تي جنهن کي پسند ڪرين ٿو. پوءِ ڦيراءِ منهن پنهنجو طرف مسجد الحرام جي،
پوءِ جنهن قبلي کي پسند ڪرين ٿو (اوڏاهين) توکي ضرور ڦيرائينداسون پوءِ (اي پيغمبر!) پنهنجي منهن کي تعظيم واريءَ مسجد (حرام)

وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ط وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

۽ جتي بہ هجو پوءِ ڦيرايو پنهنجا منهن ان جي طرف، ۽ بيشڪ جن کي مليو آهي

ڏانهن ڦيراءِ! ۽ (اي مسلمانؤ) اوهين جتي هجو اتي پنهنجا منهن اوڏانهن ڦيرايو ، ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي،

الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ط وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾

ڪتابُ البت اُهي ڄاڻن ٿا تہ اهوئي حق آهي سندن پالڻهار طرفان ۽ ناهي الله بي خبر انهن جي ڪمن کان.

سي ضرور ڄاڻن ٿا تہ اهو (ڦيرائڻ) سندن پالڻهار وٽان بلڪل حق آهي ، ۽ جيڪي ڪندا آهن، تنهن کان الله بي خبر نہ آهي.

وَلَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا قِبْلَتَكَ ج وَمَا

۽ جيڪڏهن آڻيندين اهل ڪتاب وٽ سموريون نشانيون نہ هلندا تنهنجي قبلي تي، ۽ نڪي

۽ (قسم آهي) تہ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي تن وٽ جيڪڏهن (تون) سڀ دليل آڻين تہ (بہ) تنهنجي قبلي جي تابعداري نہ ڪندا،

اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ج وَمَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ط وَلَئِنِ

تون هلندين سندن قبلي تي، ۽ ناهي انهن مان ڪوئي هلندڙ ٻئي جي قبلي تي، ۽ جيڪڏهن

۽ نڪي تون سندن قبلي جي تابعداري ڪندڙ آهين، ۽ نڪي انهن مان ڪي ڪن جي قبلي جي تابعداري ڪندڙ

اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ لا اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ

تابعداري ڪندين انهن جي خواهشن جي هن کان پوءِ جو آيو تو وٽ علم تہ بيشڪ تون ان وقت بي

آهن ، ۽ (قسم آهي) تہ ان کان پوءِ جو تو وٽ علم آيو جيڪڏهن سندن سڌن جي تابعداري ڪندين تہ تون اُن

وقف لازم

الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ

انصافن مان ٿيندين. اهي جن کي اسان ڏنو آهي ڪتاب سڃاڻن ٿا ان کي جئن سڃاڻن ٿا

مهل ظالمن مان ٿيندين. جن کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون سي اُن کي ائين سڃاڻندا آهن جيئن پنهنجن پٽن کي

وقف منزل

اَبْنَآءَهُمْ ط وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾

پنهنجن پٽن کي ۽ البت هڪ ٽولي وارا انهن منجهان لڪائن ٿا حق کي ۽ اهي ڄاڻن ٿا.

سڃاڻيندا آهن ، ۽ منجهائن هڪ ٽولي ڄاڻ هوندي (بہ) بيشڪ حق کي لڪائيندي آهي.

١٧ ع

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾ ع وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ

اهو حق آهي تنهنجي رب کان پوءِ نہ ٿيءُ تون شڪ ڪندڙن مان. ۽ هر هڪ لاءِ طرف آهي جو

اهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچ آهي، تنهن ڪري تون شڪ وارن مان هرگز نہ ٿيءُ. ۽ سڀ ڪنهن لاءِ (ڪو) هڪ قبلو آهي

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

هُوَ مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ط اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ

اهو منهن ڪندڙ آهي ان ڏي پوءِ اڳرا ٿيو چڱاين ۾، جتي بہ توهان هوندؤ آڻيندو توهان کي الله

جنهن ڏانهن اُهو منهن ڪندو آهي، پوءِ چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو، جتي هوندؤ (اتان) الله اوهان کي گڏ ڪري آڻيندو

جَمِيْعًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٤٨﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ
گڏ ڪري، بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ جنهن ۾ جاءِ کان نڪرين
جو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. ۽ (اي پيغمبرا) جتان (بہ) نڪرين

فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ۭ
تہ ڦيراءِ پنهنجو منهن ڪعبة الله جي طرف ، ۽ يقينن اهو ئي حق آهي تنهنجي رب طرفان،
تہ پنهنجو منهن مسجد حرام ڏانهن ڦيراءِ ، ۽ بيشڪ اِهو (ڦيرائڻ) تنهنجي پالڻهار وٽان بلڪل حق آهي.

وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٩﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ
۽ ناهي الله بي خبر توهانجي عملن کان. ۽ جتان بہ . نڪرين تہ ڦيراءِ
۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي. خبر نہ آهي. ۽ جتان (بہ) نڪرين تہ

وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ
پنهنجو منهن طرف مسجد الحرام جي، ۽ جتي بہ هجو تہ ڦيرايو پنهنجا رُخ
پنهنجو منهن مسجد حرام ڏانهن ڦيراءِ ۽ جتي هجو (تتي) پنهنجا منهن ان ڏانهن ڦيرايو

شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ڎ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۤ
ان جي طرف جئن نہ هجي ماڻهن جو اوهان تي الزام مگر جن بي انصافي ڪئي انهن مان
(هن لاءِ) تہ منجهائن جن ظلم ڪيو تن کان سواءِ ٻين ماڻهن کي اوهان تي ڪا حجت نہ رهي، پوءِ ڪائڻ نہ

فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِيْ ۤ وَلِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ ۙ
پوءِ نہ ڊڄو انهن کان ۽ ڊڄو مون کان ۽ جئن پوري ڪريان پنهنجي نعمت اوهان تي ۽ جئن اوهين هدايت وارا ٿيو.
ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ (هن لاءِ) تہ (آءٌ) پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪريان ۽ مَن اوهين هدايت وارا ٿيو.

كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ
جئن موڪليو سون توهان ۾ وڏو رسول اوهان مان جو پڙهي ٿو اوهان تي آيتون اسان جون ۽ پاڪ ڪري ٿو توهان کي
جهڙيءَ طرح (اوهان تي نعمت پوري ڪئي سون تهڙيءَ طرح) اوهان منجهان پيغمبر اوهان ۾ موڪليوسون جو اسان جون آيتون اوهان تي

وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾ ۛ
۽ سيکاري ٿو توهان کي قرآن ۽ ان جو علم ۽ سيکاري ٿو توهان کي اهو جو اوهان نہ ڄاڻندا هئا.
پڙهندو آهي ۽ اوهان کي پاڪ ڪندو آهي ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاريندو آهي ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا هيو سو (پڻ) اوهان کي سيکاريندو آهي.

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ
پوءِ ياد ڪريو مون کي تہ آءٌ ياد ڪريان توهان کي ۽ شڪر ڪريو منهنجو ۽ نہ ڪفر ڪريو. اي ايمان
تنهن ڪري مون کي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي بي شڪري نہ ڪريو.

اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾

وارو! مدد وٺو صبر ۽ نماز سان، بيشڪ الله گڏ آهي صبر وارن سان

اي مومنو! صبر ۽ نماز سان سهارو وٺو، يقينن الله صابرن سان آهي.

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ

۽ نه چئو انهن لاءِ جي ماريا وڃن الله جي راهه ۾ ته اهي مئل آهن، بلڪ اهي جيئرا آهن

۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُسن تن کي مئل نه چئو بلڪ (اهي) جيئرا آهن.

وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ

پر نه ٿا سمجهو. ۽ ضرور آزمائينداسون توهان کي ڪجھ ڀوَ

پر اوهين نٿا سمجهو. ۽ اوهان کي ڪي ڊپ ۽ بک

وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ؕ

۽ بک سان ۽ نقصان مالن ۽ جانين ۽ ميون جي سان،

۽ مالن ۽ جانين جي ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان، ڪنهين شيءِ سان ضرور پرکينداسون،

وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا

۽ بشارت ڏي صبر وارن کي، اُهي جڏهن پهچي ٿي انهن تي ڪا سختي چون ٿا ته اسان

۽ (اي پيغمبر!) اُنهن صابرن کي خوشخبري ڏي. جن کي جڏهن ڪا تڪليف پهچي ٿي (تڏهن) چون ٿا ته

لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿١٥٦﴾ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ

الله جا آهيون ۽ اسان ان ڏانهن موٽندڙ آهيون. اُهي ئي آهن جن تي مهربانيون آهن الله جون ۽

اسين الله جا (پاڻها) آهيون ۽ اسين ان ڏانهن موٽندڙ آهيون. اُنهن تي سندن پالڻهار وٽان

رَحْمَةٌ ۫ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿١٥٧﴾ اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ

ٻاجھ، ۽ اُهي ئي آهن سڌي رستي وارا . بيشڪ صفا ۽ مروه جبل

مهربانيون ۽ ٻاجھ آهي، ۽ اِهي ئي سڌيءَ واٽ وارا آهن. صفا ۽ مروه (جبل)

مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ

الله جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو حج ڪري خاني ڪعبي جو يا عُمرو ڪري پوءِ ناهي ڪو گناهه

الله (جي عبادت) جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو بيت الله جو حج ڪري يا عمرو تنهن کي

عَلَيْهِ اَنْ يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ وَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ

ان تي جو چڪر ڏئي ٻنهي جا، ۽ جيڪو خوشيءَ سان نيڪي ڪندو ته برابر الله

ٻنهي جي طواف ڪرڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي، ۽ جيڪو وڌيڪ چڱائي ڪندو (تنهن جي الله قبول ڪندو)

شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۵۸﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ
ڳڻ موڪيندڙ ڄاڻندڙ آهي. البت اهي ماڻهو جي لڪائن ٿا جيڪي نازل ڪياسون چٽا حڪم
جو ته الله قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. جيڪي پڌرين ڳالهين ۽ هدايتون لاٿيون اٿون تن کي جيڪي (ماڻهو)

وَالْهُدٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِى الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِكَ
۽ سڌارستا ان ڪان بعد جو بيان ڪياسون اهي ماڻهن لاءِ ڪتاب ۾ اهي آهن جو
ان کان پوءِ جو انهن کي ماڻهن لاءِ ڪتاب (توريت) ۾ بيان ڪيون سون، لڪائيندا آهن تن تي

يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا
لعنت ڪري ٿو انهن تي الله ۽ لعنت ڪن ٿا انهن تي لعنت ڪندڙ. مگر جن توبهه ڪئي ۽ سڌريا
الله لعنت ڪندو آهي ۽ لعنت ڪندڙ (به) انهن تي لعنت ڪندا آهن. پر جن توبهه ڪئي ۽ (پاڻ) سڌاريائون

وَبَيَّنُوْا فَاُولٰٓئِكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَاَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۰﴾ اِنَّ
۽ حق ظاهر ڪيائون پوءِ اُهي آءُ مهرباني ڪندس انهن تي، ۽ آءُ ئي توبهه قبول ڪندڙ مهربان آهيان. بيشڪ
۽ (حق) بيان ڪيائون تن جي توبهه قبول ڪندس، ۽ آءُ ئي توبهه قبول ڪندڙ مهربان آهيان.

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ
جن ڪفر ڪيو ۽ مري ويا ۽ اهي آهن ڪافر اهي انهن تي آهي ڦٽڪار الله جي
جن ڪفر ڪيو ۽ اُهي ڪافر ٿي مُئا تن تي الله

وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ
۽ ملائڪن جي ۽ ماڻهن سڀني جي. هميشه رهندا ان (لعنت) ۾ نه هلڪو ڪيو ويندو
۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻهن جي لعنت آهي. اُن (لعنت) ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. کانئن

عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۱۶۲﴾ وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ
انهن تان عذاب ۽ نڪي اهي مهلت ڏنا ويندا. ۽ مالڪ توهانجو خدا هڪ آهي.
عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ نڪي کين مهلت ڏبي. ۽ اوهان جو خدا اڪيلو خدا آهي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۳﴾ اِنَّ فِىْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ
ناهي ڪو عبادت جي لائق مگر اهو ٻاجهارو مهربان. بيشڪ پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جي ۾
ان کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي (اهو) ٻاجهارو مهربان آهي. آسمانن ۽ زمين جي بڻائڻ (۾)

وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِىْ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ
۽ ڦير گهير رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ انهن ٻيڙين ۾ جيڪي ڪٽي هلن ٿيون درياهه ۾
۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير (۾) ۽ ٻيڙين (۾) جي انهيءَ (سامان) سان، جو ماڻهن کي

بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ

ان شيءِ کي جا نفعو ڏئي ٿي ماڻهن کي ۽ جيڪو وسايو الله آسمان مان پاڻي

نفعو ڏيندو آهي درياءَ ۾ ترنديون آهن ۽ جيڪي آسمان کان (مينهن جو) پاڻي الله وسايو پوءِ اُن سان

فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ص

پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين غير آباد کي ۽ پکيڙيائين ان ۾ هر قسم جا جاندار

زمين کي ان جي غيرآباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪيائين ۽ اُن (زمين) ۾ سڀ جنس جا جانور پکيڙيائين،

وَّتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ

۽ گردش هوائن جي ۽ اهو ڪڪر جو چٽي ۾ آهي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾

۽ هوائن جي گهلڻ (۾) ۽ آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ نوايل ڪڪرن (۾) سمجھ واريءَ

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ

انهن ۾ نشانيون آهن قوم عقلمند لاءِ. ۽ ماڻهن مان ڪي آهن جي بنائن ٿا غير خدا کي

قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن. ۽ ماڻهن مان ڪُي (اهڙا) آهن جي الله کان سواءِ (ٻين کي)

اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ط وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا

الله جي برابر پيار ڪن ٿا انهن سان جهڙو پيار الله سان، ۽ جن ايمان آندو اهي وڌيڪ سِڪ رکندڙ آهن

الله جهڙو ڪري ونندا آهن الله جي پيار وانگر پيارو رکندا اٿن ۽ جن ايمان آندو سي الله جي دوستيءَ ۾ ڏاڍا

لِّلّٰهِ ط وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ لا اَنَّ الْقُوَّةَ

الله لاءِ، ۽ جيڪر ڄاڻن ها اهي ماڻهو جن ظلم ڪيو جڏهن ڏسندا عذاب کي، بيشڪ طاقت

زور آهن. ۽ جن ظلم ڪيو سي جيڪڏهن (هن ڳالهه کي هاڻي) سمجهن ته جنهن مهل (قيامت جي ڏينهن) عذاب

لِلّٰهِ جَمِيْعًا لا وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾ اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ

الله جي آهي سموري ۽ يڪسان الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. جڏهن بيزار ٿيندا اهي

ڏسندا (۽ سمجهندا) ته سموري سگهه الله کي آهي ۽ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي (ته جيڪر ڏاڍا پشيمان

اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَرَاَوُا الْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ بِهِمُ

اڳواڻ پنهنجي پوئلڳن کان ۽ ڏسندا عذاب کي ۽ ڪٽجي ويندا ساڻن

ٿين!). جنهن مهل اڳواڻ، پوئلڳن کان بيزار ٿيندا ۽ عذاب کي ڏسندا ۽ سندن (سڀ) لاڳاپا ڇڄندا.

الْاَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ

لاڳاپا ۽ چوندا اهي جن تابعداري ڪئي جيڪر ٿئي ها اسانجو موٽڻ ته هوند بيزار ٿيون ها

۽ (تنهن مهل) پوئلڳ چوندا ته جيڪر اسان کي (وري دنيا ۾) موٽڻو هجي ها، ته ڪاڻن اهين بيزار ٿيون ها

مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ

انهن کان جئن بيزار ٿيا اسان کان، اهڙيءَ طرح ڏيکاريندو انهن کي الله ڪم انهن جا ارمانن ڪري لاءِ

جيئن اسان کان بيزار ٿيا آهن! اهڙيءَ طرح الله سندن ڪرتوتن کي مٿن حسرتون بڻائي ڏيکاريندو،

ع ٢٠ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٧﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا

پاڻ تي، ۽ ناهن اهي نڪرندڙ باهه کان. اي ماڻهو کائو

۽ اهي باهه مان نڪرڻ وارا نہ آهن. اي انسانو! جيڪي شيون

مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ

ان مان جيڪي زمين ۾ آهي حلال پاڪ ۽ نہ هلو وکن شيطان جي تي

زمين ۾ آهن تن مان پاڪ، حلال کائو ۽ شيطان جي وکن تي نہ هلو. جو تہ اهو

اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَالْفَحْشَآءِ وَ

جو تہ اهو توهان جو دشمن پڌرو آهي رڳو اهو حڪم ڪري ٿو اوهان کي بڇڙائي ۽ بي حيائي جو ۽

اوهان جو پڌرو ويري آهي. (شيطان) رڳو اوهان کي بڇڙائيءَ ۽ بي حيائيءَ جو حڪم ڪري ٿو

اَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا

هن جو تہ ڳاهه ڳاهيو الله تي جيڪي نہ ٿا ڄاڻو. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي هلو ان تي

۽ هيءُ تہ جيڪي ڳالهيون نہ ڄاڻندا آهيو سي الله جي نسبت ۾ چئو. ۽ جڏهن کين چئجي ٿو تہ جيڪي الله

مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ

جيڪي نازل ڪيو الله چون ٿا نہ پر هلنداسون ان تي جنهن تي لڌوسون پنهنجن ابن ڏاڏن کي، ڇا جيتوڻيڪ

(قرآن) لاٿو تنهن جي تابعداري ڪريو (تڏهن) چون ٿا تہ (نہ) بلڪ جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺوسون تنهن جي پٺيان لڳنداسون.

كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْــًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧٠﴾ وَمَثَلُ الَّذِيْنَ

سندن ابا ڏاڏا عقل نہ رکندا هئا ذرو بہ ۽ نڪي رستي وارا هئا. ۽ مثال

جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا ۽ نڪي سڌيءَ واٽ تي هئا. ۽ ڪافرن (کي سڏيندڙ) جو مثال

كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ؕ

ڪافرن جو ان جي مثال جهڙو آهي جيڪو رڙ ڪري ٿو ان کي جو نہ ٿو ٻڌي مگر سڏ ۽ پڪار،

ان ماڻهوءَ جي مثال وانگر آهي جو اهڙيءَ شيءِ کي واڪو ڪري هڪلائي جا رڙ ۽ ڪوڪ کان سواءِ (ڪجهہ) نہ ٻڌي.

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٧١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا

اهي ٻوڙا گونگا انڌا آهن تنهن ڪري اهي نہ ٿا سمجهن. اي ايمان وارؤ کائو

(ڪافر) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن تنهن ڪري اهي (ڪجهہ بہ) نہ ٿا سمجهن. اي مومنو! جيڪا اوهان کي روزي

مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١٧٢﴾

پاڪ شيون جي ڏنيون سي توهان کي ۽ شڪر ڪريو الله جو جيڪڏهن آهيو انهيءَ جي ئي عبادت ڪندا.

ڏني سون تنهن مان سليون شيون کائو ۽ جيڪڏهن اوهين خاص الله جي عبادت ڪندڙ آهيو ته سندس شڪرانو ڪريو.

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ

رڳو حرام ڪيائين توهان تي ڏوڏيو ۽ رت ۽ گوشت سوئر جو ۽ جنهن تي نالو پڪاريو ويو

اوهان تي رڳو مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ جنهن شيء تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪارجي

لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ

الله کان سواءِ ٻين جو پوءِ جيڪو لاچار ٿي پوي نه بي فرماني ڪندڙ ۽ نڪي حد ٽپيندڙ پوءِ ناهي ڪو گناهه ان تي،

سا حرام ڪيائين، پوءِ جيڪو لاچار ٿئي (۽ کائي پر) نه بي فرماني ڪندڙ هجي ۽ نڪي حد کان لنگهندڙ

اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٧٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ جيڪي لڪائن ٿا انڪي جو لاٿو آهي الله

تنهن تي گناهه نه آهي، ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. الله ڪتاب مان جيڪي لاٿو سو جيڪي ماڻهو

مِنَ الْكِتٰبِ وَيَشْتَرُوْنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۙ اُولٰٓئِكَ مَا يَاْكُلُوْنَ

ڪتاب ۽ وٺن ٿا ان ڪي مُلهه ٿوري تي، اهي نه ٿا کائن

لڪائيندا آهن ۽ ان جي بدلي ٿورو ملهه وٺندا آهن اِهي پنهنجن پيٽن ۾ رڳي

فِيْ بُطُوْنِهِمْ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۚۖ

پنهنجي پيٽن ۾ مگر باهه کي ۽ نه ڳالهائيندو انهن سان الله ڏينهن قيامت جي ۽ نڪي پاڪ ڪندن،

باهه کائيندا آهن ۽ الله ساڻن قيامت جي ڏينهن نه ڳالهائيندو ۽ نڪي کين پاڪ ڪندو.

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٤﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى

۽ انهن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ آهي. اهي ئي آهن جن ڳڌو گمراهي کي بدلي هدايت جي

۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اِهي (اهي) آهن جن هدايت جي بدران گمراهي

وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ

۽ سزا کي عوض بخشش جي، پوءِ ڪيڏا نه صبر ڪندڙ آهن باهه تي! اهو هن ڪري ته

۽ بخشش جي بدران عذاب ورتو پوءِ عجب آهي ته ڪين (دوزخ جي) باهه تي کهڙيءَ (ڳالهه) صبر ڪرايو؟. اهو

اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِي الْكِتٰبِ

الله نازل ڪيو ڪتاب حق جو، ۽ جن جهڳڙو ڪيو ان ڪتاب ۾

هن ڪري (آهي) جو الله سچ سان ڪتاب (توريت) لاٿو، ۽ جن ڪتاب بابت اختلاف ڪيو سي

لَفِىْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ ﴿١٧٦﴾ لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ

اھي ضد پرانھين ۾ آھن. ناھي ڀلائي جو ڦيرايو منھن پنھنجا طرف

ضرور وڏي ڦيٽي ۾ آھن. اوير ۽ اولھ ڏانھن اوھان جو پنھنجن منھن کي ڦيرائڻ

الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ

ايرندي ۽ الهندي پر ڀلائي آھي جنھن مڃيو الله کي ۽ ڏينھن

کا نيڪي نہ آھي پر (اصل) نيڪي (ان لاءِ) آھي جنھن الله ۽ قيامت جي ڏينھن

الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ

پوئين کي ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ نبين کي ۽ ڏنائين مال ان سان محبت هوندي

۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن کي مڃيو ۽ جنھن (ماڻھوءَ پنھنجي) مال ان سان

ذَوِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَالسَّآئِلِيْنَ

مائٽن کي ۽ يتيمن ۽ ڏتڙيلن ۽ واٽھڙو ۽ پڇندڙن کي

محبت هوندي (بہ) مائٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي

وَفِى الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ

۽ ٻانھن جي آزاديءَ ۾ ۽ قائم ڪيائين نماز ۽ ڏنائين زڪوات ۽ پاڙيندڙ پنھنجي انجام کي

۽ ٻانھن جي گردنين (آزاد ڪرڻ) ۾ ڏنو ۽ نماز پڙھيائين ۽ زڪوات ڏنائين ۽ (اھي ماڻھو جي) جڏھن

اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ فِى الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيْنَ الْبَاْسِ ۗ

جڏھن بہ انجام ڪن، ۽ صبر ڪندڙ سختي ۾ ۽ سڃائي ۾ ۽ جنگ جي وقت،

انجام ڪندا آھن تہ پنھنجو انجام پاڙيندا آھن. ۽ سڃائي ۽ ڏکيائيءَ ۾ ۽ جنگ مھل صبر

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ۗ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

اُھي ئي آھن سچار، ۽ اھي ئي آھن خدا ترس. اي اھي جن

ڪرڻ وارا آھن، اھي سچا آھن، ۽ اھي ئي پرھيزگار آھن. اي مومنو! خون ٿيلن

اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِى الْقَتْلٰى ۗ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ

ايمان آندو فرض ڪيو ويو توھان تي پورو بدلو خون ٿيلن ۾، آجو عوض آجي جي ۽ ٻانھو

بابت اوھان تي (بدلي وٺڻ ۾) برابري لازم ڪئي ويئي، (جيئن تہ) آزاد جي عيوض آزاد، ٻانهي جي عيوض

بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ۗ فَمَنْ عُفِىَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَىْءٌ

بدلي ٻانهي جي ۽ عورت عوض عورت جي، پوءِ معاف ڪيو ويو جنھن کي سندس ڀاءُ طرفان ڪجھ

ٻانھو ۽ عورت جي عيوض عورت آھي، پوءِ جنھن کي سندس ڀاءُ جي طرفان ڪجھ ڇڏيو وڃي تہ پوءِ (خون جي بها وٺڻ ۾) چڱيءَ ريت سان

فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَ اَدَآءٌ اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ
تہ گھُر ڪرڻ آهي | جائز طرح | ۽ | ڏيڻ آهي | ان کي | چڱي نموني، | اها | هلڪائي آهي
(ان جي) پويان پوڻ گهرجي ۽ ان (وارث) ڏانهن (خون جي بها) چڱيءَ ريت سان پهچائڻ گهرجي، اهو

مِّنْ رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ
توهان جي پالڻهار طرفان | ۽ | مهرباني، | پوءِ جيڪو | زيادتي ڪندو | هن کان بعد | تہ ان لاءِ | عذاب
(حڪم) اوهان جي پالڻهار وٽان هلڪائي ۽ ٻاجهہ آهي، پوءِ جيڪو هن (حڪم) کان پوءِ زيادتي ڪندو

اَلِيْمٌ ﴿۱۷۸﴾ وَلَكُمْ فِى الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰٓاُولِى الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ
دردناڪ آهي. | ۽ توهان لاءِ | قصاص ۾ | حياتي آهي، | اي | عقلمندؤ | جئن توهان
تنهن لاءِ ڏکائيندڙ عذاب آهي. ۽ اي عقل وارؤ اوهان لاءِ قصاص (ولڙ) ۾ حياتي آهي تہ مَنَ اوهين پرهيزگار

تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ
بچندا رهو. | فرض ڪيو ويو | توهان تي، | جڏهن | اچي | توهان مان ڪنهن تي | موت | جيڪڏهن ڇڏي
ٿيو. جڏهن اوهان مان (ڪنهن) هڪ کي موت ويجهو ٿئي (اهو) جيڪڏهن (ڪجهہ) مال ڇڏي تہ

خَيْرًا ۖۚ الْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا
مال ، | ڏياري وڃڻ | پيءُ ماءُ | ۽ | مائٽن کي | دستور موجب، | حق آهي
تڏهن اوهان تي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ دستور موجب وصيت ڪرڻ لازم ڪئي ويئي، اهو پرهيزگارن

عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۸۰﴾ فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ اِثْمُهٗ
خدا ترسن تي. | پوءِ جيڪو | بدلائيندو انکي | ان کان پوءِ جو | ٻڌائين انهيءَ کي | تہ ڙڳو | ان جو گناهہ
تي حق آهي. پوءِ جيڪو ان (وصيت) کي، ان جي ٻڌڻ کان پوءِ ڦيرائيندو تہ ان (ڦيرائڻ) جو

عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۸۱﴾ فَمَنْ خَافَ
انهن تي آهي | جيڪي | بدلائين ٿا ان کي، | بيشڪ | الله | ٻڌندڙ | ڄاڻندڙ آهي. | پوءِ جيڪو | ڊڄي تو
گناهہ ان جي ڦيرائيندڙن کان سواءِ ٻين تي نہ آهي، ڇو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. پوءِ جيڪو

مِنْ مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ
ڏيارڻيندڙ جي | طرفداري | يا | گناهہ کان | پوءِ ٺاهہ ڪري | انهن جي وچ ۾ | تہ ناهي | ڪو گناهہ | ان تي،
وصيت ڪندڙ جي، طرفداري يا گناهہ ڄاڻي سو انهن (وارثن) جي وچ ۾ پرچاءُ ڪري تہ مٿس

ربع
اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۸۲﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ
بيشڪ | الله | بخشيندڙ | مهربان آهي. | اي | ايمان | وارؤ | فرض ڪيو ويو | توهان تي
گناهہ نہ آهي، ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي مومنؤ جيئن اوهان کان اڳين تي (روزا)

الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾ لا

روزو رکڻ جهڙيءَ طرح فرض ڪيو ويو انهن تي جي توهان کان اڳ هئا جيئن پرهيزگار ٿيو.

فرض ڪيا ويا هئا، تيئن اوهان تي (بہ) روزا فرض ڪيا ويا آهن تہ مَن اوهين پرهيزگار ٿيو.

اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ط فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ

ڏينهن ڳڻيل، پوءِ جيڪو هجي توهان مان بيمار يا هجي سفر تي

(روزا) ڳڻيل ڏينهن آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو بيمار (هجي) يا مسافريءَ تي هجي (تنهن تي) ٻين ڏينهن مان

فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ط وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ

پوءِ ڳڻتي رکڻا آهن ڏينهن ٻيا، ۽ انهن تي آهي جيڪي طاقت رکن ٿا خيرات ڏيڻ کاڌو

(اوترا روزا) ڳڻتي رکڻ (لازم) آهي، ۽ جن کي (مسڪين جي کاڌي ڏيڻ جي) سگهہ آهي تن تي هڪ مسڪين

مِسْكِيْنٍ ط فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ط وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ

مسڪين جو، پرجيڪو وڌائي ڏئي خير تہ اهو ڀلو آهي انهيءَ لاءِ. ۽ توهان جو روزو رکڻ گهڻو ڀلو آهي

جو کاڌو فديہ (يعني فطراڻو ڏيڻ) لازم آهي، پوءِ جيڪو چڱائي وڌيڪ ڪندو تنهن لاءِ اُها ڀلي آهي، ۽ جيڪڏهن علم وارا آهيو

لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ

توهان لاءِ جيڪڏهن ڄاڻو ٿا. مهينو رمضان جو اُهو آهي جو لاٿو ويو ان ۾

(تہ اوهين سمجهي چڪا هوندؤ) تہ اوهان جو روزو رکڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي. رمضان جو مهينو اهڙو (ڀلو) آهي جنهن ۾ قرآن لاٿو

الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ج فَمَنْ

قرآن راهہ ڏيکاريندڙ ڪري ماڻهن لاءِ ۽ چٽا حُڪم هدايت جا ۽ فيصلي جا پوءِ

ويو جو ماڻهن لاءِ سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي ۽ (ان ۾) هدايت ڪرڻ ۽ (سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾) سَنڌي وجهڻ جون چٽيون ڳالهيون آهن،

شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ط وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ

جيڪو ڏسي توهان مان ان مهيني کي تہ روزا رکي ان جا ۽ جيڪو هجي بيمار يا سفر تي

پوءِ اوهان مان جيڪو انهيءَ مهيني ۾ (گهر ۾) حاضر هجي تنهن کي ان ۾ روزو رکڻ گهرجي ، ۽ جيڪو بيمار هجي يا

فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ط يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ

پوءِ ڳڻتي رکڻا آهن ڏينهن ٻيا، گهري ٿو الله توهان لاءِ آساني ۽ نہ ٿو گهري

سفر تي (هجي) تنهن کي ٻين ڏينهن مان (اوترو) ڳاڻاٽو (لازم) آهي، الله اوهان تي آساني ڪرڻ گهرندو آهي ۽

بِكُمُ الْعُسْرَ ز وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ

توهان لاءِ ڏکيائي ۽ جيئن پورو ڪريو ڳاڻاٽو ۽ وڏائي چئو الله جي ان تي جو هدايت ڪيائين توهان کي

اوهان تي (ڪا) ڏکيائي ڪرڻ نہ گهرندو آهي ۽ (گهرندو آهي) تہ اوهين ڳڻپ پوري ڪريو ۽ جيڪا اوهان کي هدايت ڪيائين تنهن تي الله

وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾ وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِىْ عَنِّىْ فَاِنِّىْ قَرِيْبٌ ؕ

۽ مَن توهان شڪر ڪريو. ۽ جڏهن پڇاڪن توکان منهنجا ٻانها منهنجي پوءِ آءٌ ويجهو آهيان،

جي وڏائي بيان ڪندا رهو ۽ مَن اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ (اي پيغمبرا) جڏهن منهنجا ٻانها توکان منهنجي پڇا ڪن (تڏهن چئو) تہ آءٌ ويجهو آهيان،

اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِىْ وَلْيُؤْمِنُوْا بِىْ

ورنايان ٿو سڏ هرسڏيندڙ جو جڏهن بہ سڏيم پوءِ حڪم مڃين منهنجو ۽ ايمان آڻين مون تي

جڏهن (ڪو) مون کي سڏي ٿو تڏهن سڏيندڙ جو سڏ ورنايان ٿو تنهن ڪري منهنجو حڪم قبول ڪرڻ گهرجين ۽ مون تي ايمان آڻڻ گهرجين

لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾ اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى

مَن اهي سڌرن. جائز ٿيو توهان لاءِ روزي جي رات ميلاپ پنهنجي

تہ مَن اهي سڌرن. روزي جي رات ۾ اوهان لاءِ پنهنجين زالن سان صحبت ڪرڻ حلال ڪئي ويئي.

نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ

زالن سان، اُهي ڍڪ آهن توهان لاءِ ۽ توهان ڍڪ آهيو انهن جو، ڄاتو الله

(جو) اُهي اوهان جو ڍڪ آهن ۽ اوهين اُنهن جا ڍڪ آهيو. الله ڄاتو تہ اوهين پاڻ

اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَعَفَا عَنْكُمْ ۚ

تہ توهان هٿ چرائڊ ڪندا آهيو پاڻ ۾ سو بخشيائين توهان کي ۽ ڇڏي ڏنائين توهان کي،

سان خيانت ڪندا هيو پوءِ اوهان تي (ٻاجهہ سان) موٽيو ۽ اوهان کي معاف ڪيائين. پوءِ هاڻي ساڻن صحبت

فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۠ وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا

پوءِ هاڻي ميلاپ ڪريو انهن سان ۽ گهرو اهو جيڪو لکيو الله توهان لاءِ ۽ کائو ۽ پيئو

ڪريو ۽ الله اوهان لاءِ جيڪي (اولاد) لکيو آهي، تنهن جي طلب ڪريو ۽ (ايستائين) کائو ۽ پيئو

حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۠

جيستائين پڌرو ٿئي توهان لاءِ ڌاڳو اڇو ڌاڳي ڪاري مان باڪ ڦٽيءَ جو

جيستائين ڪاري ڌاڳي کان باڪ جو اڇو ڌاڳو اوهان لاءِ پڌرو ٿئي

ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ

پوءِ پورو ڪريو روزن کي رات تائين ۽ نہ ميلاپ ڪريو انهن سان جڏهن جو توهان

پوءِ روزو رات توڻي پورو ڪريو ۽ جنهن حالت ۾ اوهين مسجدين ۾ اعتڪاف وارا هجو تہ

عٰكِفُوْنَ ۙ فِى الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ

ڌهي ۾ آهيو مسجدن اندر، اهي حدون الله جون آهن پوءِ نہ ويجها ٿيو انهن کي، اهڙي طرح

انهن (زالن) سان صحبت نہ ڪريو، اهي الله جون حدون آهن، پوءِ انهن کي ويجها نہ وڃو. اهڙيءَ طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٨٧﴾ وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ
بيان ڪري ٿو الله پنهنجون آيتون ماڻھن لاءِ تہ من اھي پرھيزگار ٿين. ۽ نہ ڪائو ھڪ ٻئي جا مال
الله ماڻھن لاءِ پنھنجا حڪم پڌرا ڪندو آھي تہ مَنَ اھي پرھيزگار ٿين. ۽ اوھين پنھنجا مال پاڻ ۾

بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ
پاڻ ۾ ناحق سان ۽ نہ پھچايو انھن کي حاڪمن تائين جيئن ڪائي وٺو ڪوحصو ماڻھن
ناحق سان نہ ڪائو ۽ اُن (مال) کي حاڪمن ڏانھن ھن لاءِ (رشوت طور) نہ پھچايو تہ ماڻھن جي مال مان

اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٨﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ
جي ملڪيت مان ظلم سان ڄاڻي واڻي. پڇن ٿا توکان ھر چنڊ بابت
ڪجھ (ڀاڱو) ظلم سان ڪائو ھن ھوندي بہ جو اوھين ڄاڻندا آھيو. (اي پيغمبرا) توکان چنڊن (يعني مھينن)

قُلْ هِىَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ ؕ وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا
پڌاءِ تہ اھي وقت جا نشان آھن ماڻھن لاءِ ۽ حج لاءِ ۽ ناھي اھا نيڪي جو اچو توھان
بابت پڇن ٿا، چئو تہ اھي ماڻھن ۽ حج لاءِ وقت مقرر ٿيل آھن ۽ نيڪي (ھن ۾) نہ آھي تہ (احرام جي حالت ۾)

الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَاْتُوا الْبُيُوْتَ
گھرن ۾ انھنجي پٺ کان پر نيڪ اھو آھي جو خداترس ٿئي ۽ اچو گھرن ۾
گھرن ۾ سندن پٺين پاسن کان اچو پر (اصل) نيڪي (انھيءَ لاءِ) آھي جيڪو (الله کان) ڊڄي، ۽ گھرن ۾

مِنْ اَبْوَابِهَا ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٨٩﴾ وَقَاتِلُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
دروازن کان ۽ ڊڄو الله کان جئن توھان ڇٽي وڃو. ۽ جنگ ڪريو رستي الله جي ۾
سندن درن کان اچو ۽ الله کان ڊڄو تہ مَنَ اوھين ڇٽو. جيڪي اوھان سان وڙھن

الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
انھن سان جي جنگ ڪن ٿا توھان سان ۽ زيادتي نہ ڪجو، بيشڪ الله نہ ٿو پسند ڪري
تن سان الله جي واٽ ۾ وڙھو ۽ حد کان نہ لنگھو، ڇو تہ الله حد کان لنگھندڙن کي

الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَاَخْرِجُوْهُمْ
زيادتي ڪندڙن کي. ۽ ڪھو انھن کي جتي لھون ۽ ڪڍو انھن کي
پسند نہ ڪندو آھي، ۽ جتي لھون اتي ڪُھون ۽ جتان اوھان کي لوڏيائون اُتان

مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَلَا تُقٰتِلُوْهُمْ
جتان ڪڍيائون توھان کي ۽ فتنو ڪرڻ ڏاڍو سخت آھي قتل ڪرڻ کان ۽ نہ لڙو انھن سان
لوڏيون ۽ فتنو (يعني شرڪ) ويڙھہ کان ڏاڍو (بڇڙو) آھي ۽ اوھين مسجد حرام وٽ

عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ
مسجد الحرام وٽ جيستائين لڙائي ڪن توهان سان ان ۾ پوءِ جيڪڏهن وڙهن توهان سان
(ايسين) نه وڙهون جيسين منجهس اوهان سان (نه) وڙهن، پوءِ جيڪڏهن اوهان سان وڙهن ته انهن کي ماريو،

فَاقْتُلُوْهُمْ ۗ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩١﴾ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ
ته ماريو انهن کي، اهڙي طرح آهي سزا ڪافرن جي. پوءِ جيڪڏهن بس ڪن ته الله
ڪافرن جي سزا ائين آهي. ۽ جيڪڏهن بس ڪن (ته اوهين به بس ڪريو) ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٢﴾ وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ
بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جنگ ڪريو انهن سان جيسين نه رهي شرڪ ۽ رهي
۽ ايستائين انهن سان وڙهو جيستائين فتنو (يعني شرڪ) نه رهي ۽ خاص الله جو دين ٿئي،

الدِّيْنُ لِلّٰهِ ۗ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩٣﴾
حڪم الله جو، پر جيڪڏهن بس ڪن ته پوءِ ناهي سزا مگر ظالمن تي.
پوءِ جيڪڏهن بس ڪن ته ظالمن کانسواءِ ڪنهين تي وڌيڪ زيادتي ڪرڻ نه جڳائي.

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَالْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ۗ فَمَنِ
مهينو عزت وارو هر مهيني عزت واري جي بدلي آهي ۽ سڀ عزتون هڪ ٻئي جي بدلي آهن، پوءِ جيڪو
تعظيم وارو مهينو تعظيم واري مهيني جي بدلي آهي ۽ تعظيمون (هڪ ٻئي جون) آڙ آهن ، پوءِ جيڪو

اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪
زيادتي ڪري اوهان تي ته زيادتي ڪريو ان تي جيتري زيادتي ڪيائين توهان تي
اوهان تي زيادتي ڪري تنهن تي اوتري زيادتي ڪريو جيتري اوهان تي زيادتي ڪيائين.

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩٤﴾ وَاَنْفِقُوْا
۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين ڪريو ته بيشڪ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي. ۽ خرچ ڪريو
۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن سان آهي. ۽ الله جي واٽ ۾

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛ وَاَحْسِنُوْا ۛ ع
الله جي راهه ۾ ۽ نه اڇليو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ڏانهن، ۽ نيڪي ڪريو.
خرچيو ۽ (پاڻ) کي پنهنجن هٿن سان هلاڪت ۾ نه وجهو، ۽ چڱائي ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾ وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ۗ فَاِنْ
بيشڪ الله دوست رکي ٿو نيڪي ڪندڙن کي. ۽ پورو ڪريو حج ۽ عمرو الله خاطر، پوءِ جيڪڏهن
ڇو ته الله چڱائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي. ۽ حج ۽ عمرو الله (جي راضپي) لاءِ پورو ڪريو، پوءِ جيڪڏهن

اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ

روڪيا وڃو تہ (ڏيو) جيڪا سَولي هجي قرباني، ۽ نہ ڪوڙايو پنهنجا مٿا

روڪيا وڃو تہ جا قرباني آسانيءَ سان ليي (سا لازم آهي)، ۽ پنهنجا مٿا تيسين نہ ڪوڙايو

حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖٓ

جيستائين وڃي پهچي قرباني پنهنجي جاءِ تي، پوءِ جيڪو ٿي پوي توهان مان بيمار يا هجيس

جيسين قرباني پنهنجيءَ جاءِ تي (نہ) پهچي، پوءِ اوهان مان جيڪو بيمار هجي يا سندس

اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ

اهنج سندس مٿي ۾ تہ پوءِ بدلو آهي روزا يا خيرات يا قرباني،

مٿي ۾ تڪليف هجي (۽ وقت کان اڳيئي ڪوڙايائين) تہ روزا يا خيرات يا قرباني عوض ڏيڻ (لازم) آهي،

فَاِذَآ اَمِنْتُمْ وقفة فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ

پوءِ جڏهن توهان بي ڊپا ٿيو تہ جيڪو فائدو وٺي عمري سان حج تائين تہ ڏئي جا آسان هجي

پوءِ جڏهن بي ڀوا ٿيو، تڏهن جيڪو فائدو وٺي (يعني) عمري کي حج سان (گڏي) سو جا قرباني

مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَ

قرباني، پوءِ جيڪو نہ لهي (قرباني) تہ روزا ٽن ڏينهن جا حج تائين ۽

آسانيءَ سان لهي (سا ڪري)، پوءِ جيڪو (قرباني) نہ لهي (تنهن تي) حج (جي ڏينهن) ۾ ٽي ڏينهن روزا (لازم آهن)

سَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ

ست، جڏهن موٽ ڪريو، اهي ڏهہ پورا آهن، اهو ان لاءِ آهي جو نہ هجي

۽ ست تڏهن جڏهن (سفر کان) موٽو، اِهي پورا ڏهہ (روزا) آهن، اهو (حڪم) انهيءَ لاءِ آهي

اَهْلُهٗ حَاضِرِى الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

سندس گهرٻار پرسان مسجد الحرام ڪي، ۽ ڊڄو خدا کان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ الله

جنهن جو ڪٽنب مسجد حرام جي ويجهو رهندڙ نہ هجي، ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ الله

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ ع اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ ٢٤ ع ٨

سخت عذاب ڏيندڙ آهي. حج جا مهينا معلوم آهن، پوءِ جيڪو لازم ڪري انهن ۾

سخت عذاب ڪندڙ آهي. حج (جو وقت) ڄاتل مهينا آهن، پوءِ جنهن (احرام ٻڌڻ سان پاڻ تي)

الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِى الْحَجِّ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا

حج کي پوءِ ناهي بي حجابي ڪرڻ ۽ نہ گناهہ ڪرڻ ۽ نڪي جهڳڙو ڪرڻ حج ۾، ۽ جيڪا بہ ڪريو ٿا

حج فرض ڪيو تہ حج ۾ نہ جماع جائز آهي ۽ نہ گار ۽ نہ جهيڙو، ۽ جيڪا چڱائي ڪريو ٿا

مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ز وَ

ڪا چڱائي ته ڄاڻي ٿو ان کي الله، ۽ راهه خرچ کڻو بيشڪ ڀلو ثمر آهي پرهيزگاري ۽

تنهن کي الله ڄاڻندڙ آهي، ۽ ثمر کڻو ڇو ته ڀلو ثمر پرهيزگاري آهي ۽

اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿١٩٧﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا

ڊڄو مون کان اي مغز وارؤ. ناهي توهان تي ڪو ڏوهه جو گهرو نفعو

اي عقل وارو! مون کان ڊڄو. (حج ۾) پنهنجي پالڻهار کان روزي گهرڻ ۾

فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ

واپار ۾ پنهنجي رب کان پوءِ جڏهن لهي اچو عرفات کان تڏهن ياد ڪريو الله کي

اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي، پوءِ جڏهن عرفات کان موٽو تڏهن مشعرالحرام (يعني مزدلفہ)

عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ص وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ج وَاِنْ كُنْتُمْ

مُزدلفي وٽ، ۽ ياد ڪريوان کي جهڙي طرح توهان کي سيکاريائين، ۽ بيشڪ توهان هئا

وٽ الله کي ياد ڪريو ۽ جيئن اوهان کي سڌو رستو ڏيکاريائين تيئن اوهين به ڪيس ياد ڪيو. ۽ بيشڪ اُن کان اڳ

مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿١٩٨﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ

ان کان اڳ بالڪل اَڻ ڄاڻ. وري واپس ٿيو جتان واپس ٿين عام ماڻهو

(اوهين) اڻڄاڻن مان هيو. پوءِ (اوهين) اتان (عرفات کان) موٽو جتان عام ماڻهو موٽن ٿا.

وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٩﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ

۽ معافي گهرو الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. پوءِ جڏهن توهان پورا ڪريو

۽ الله کان بخشش گهرو ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. پوءِ جڏهن پنهنجي حج جا اَرڪان پورا ڪريو تڏهن

مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ

پنهنجي حج جا ڪم تڏهن ياد ڪريو الله کي جيئن ياد ڪرڻ توهان جو پنهنجن وڏن کي يا اڃا به وڌيڪ ياد ڪرڻ، پوءِ

(منيٰ ۾) اوهين پنهنجي ابن ڏاڏن جي ياد ڪرڻ وانگر بلڪ (اُن کان به وڌيڪ) گهڻي قدر الله کي ياد ڪريو.

النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ

ماڻهن مان ڪي چون ٿا اي رب اسان جا ڏي اسان کي دنيا ۾ ۽ ناهي تن لاءِ آخرت ۾ ڪو

پوءِ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ (ئي چڱائي) ڏي! تن کي آخرت ۾

خَلَاقٍ ﴿٢٠٠﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي

حصو. ۽ انهن مان ڪي چون ٿا اي اسان جا پالڻهار ڏي اسان کي دنيا ۾ نيڪي ۽

(ڪا) چڱائي نصيب نه آهي. ۽ منجهائن ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ (به) چڱائي ۽

وَقْفُ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا
آخرت ۾ بہ نيڪي ۽ بچاءِ اسان کي باھ جي عذاب کان . أهي ئي آهن جن لاءِ نصيب آهي سندن
آخرت ۾ (بہ) چڱائي ڏي ۽ اسان کي باھ جي عذاب کان بچاءِ ۔انهن لاءِ جيڪي ڪمايائون تنهن مان

كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٢٠٢﴾ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ
ڪمائيءَ مان ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي . ۽ يادڪريو الله کي ڏينهن ڳڻيلن ۾،
نصيب آهي، ۽ الله سگهو حساب ڪندڙ آهي. ۽ (مِنيٰ وارن) ڳڻيلن ڏينهن ۾، الله کي ياد ڪريو،

فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ
پوءِ جيڪو تڪڙو آيو ٻن ڏينهن ۾ پوءِ ناهي گناه انهي تي ، ۽ جيڪو رهجي پيو تہ ناهي گناه
پوءِ جيڪو ٻن ڏينهن ۾ تڪڙو نڪري تنهن تي گناه ڪونهي، ۽ جيڪو دير ڪري تنهن تي (بہ)

عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾
ان تي اهو پرهيزگار لاءِ آهي، ۽ ڊڄو الله کان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ توهان ان ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ.
گناه نہ آهي (اِهو حڪم) ان لاءِ آهي جيڪو پرهيزگاري ڪري، ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ اوهين ڏانهنس گڏ ڪيا ويندؤ.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ
۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جو وڻي ٿو توکي بيان ان جو دنيا جي زندگيءَ بابت ۽ شاهد ڪري ٿو
۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو سندس ڳالهائڻ دنيا جي حياتيءَ ۾ توکي عجب ۾ وجهندو آهي ۽ جيڪي

اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾ وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى
الله کي ان تي جو سندس دل ۾ آهي هو ڏانهن اهو سخت جهيڙاڪر آهي. ۽ جڏهن موٽي ٿو تہ ڊوڙندو رهي ٿو
سندس دل ۾ آهي تنهن تي، الله کي شاهد ڪندو آهي هن هوندي بہ، جو اهو وڏو جهڳڙالو آهي، ۽ جڏهن توکان موٽندو آهي تڏهن

فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ؕ وَاللّٰهُ لَا
ملڪ ۾ جئن وڳوڙ وجهي ان ۾ ۽ تباه ڪري ۽ پوکون ۽ جانيون. ۽ الله نہ
ملڪ ۾ هن لاءِ ڪوشش ڪندو آهي تہ منجهس فساد وجهي ۽ پوک ۽ نسل ناس ڪري، ۽ الله

يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ
ٿو پسند ڪري فساد کي. ۽ جڏهن چئجي ٿو ان کي ڊڄ الله کان تہ اڀاري ٿي ان کي وڏائي گناه تي
فساد کي پسند نہ ڪندو آهي، ۽ جڏهن ان کي چئبو آهي تہ الله کان ڊڄ تڏهن وڏائي کيس گناه تي آڪڙائيندي آهي

فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ
پوءِ ڪافي آهي ان لاءِ جهنم ۽ اهو بڇڙو وڇائو آهي، ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جو وڪڻي ٿو
پوءِ کيس (سزا) دوزخ ڪافي آهي ، ۽ اهو يقينن بڇڙو هنڌ آهي ا، ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو

نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

پاڻ کي گھرندي رضا الله جي، ۽ الله نرمي ڪندڙ آهي ٻانهن تي.

الله جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وڪڻندو آهي. ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ

اي ايمان وارو! گھڙي اچو اسلام ۾ سمورا ۽ نه هلو قدمن

اي ايمان وارو! پورا اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ شيطان جي وکن تي نه هلو.

الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا

شيطان جي تي بيشڪ اهو توهان جو دشمن آهي پڌرو. پوءِ جيڪڏهن ٿڙندؤ ان کان پوءِ جو

ڇو ته اهو اوهان جو پڌرو ويري آهي. پوءِ جيڪڏهن اوهين اُن کان پوءِ، جو اوهان

جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ

آيا توهان وٽ چٽا دليل پوءِ يقين ڪريو ته بيشڪ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. نه ٿا انتظار ڪن اهي

وٽ چٽا دليل آيا (اسلام کان) ٿڙندؤ ته ڄاڻو ته الله غالب حڪمت وارو آهي. (ڪافر) هن ڪانسواءِ

اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَ

مگر هي ته اچي انهن وٽ الله ڇٽين ڪڪر جي ۾ ۽ ملائڪ به ۽

انتظار نه ڪندا آهن ته الله (جو عذاب) ڪڪر جي ڇانون ۾ وٽن اچي ۽ ملائڪ (به) ۽

قُضِيَ الْاَمْرُ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ ع سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

پورو ڪيو وڃي ڪم، ۽ الله ڏي موٽايا وڃن ٿا سڀ ڪم. پڇا ڪر بني اسرائيل کان

ڪم پورو ڪيو وڃي. ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم موٽايا ويندا آهن. (اي پيغمبر!) بني اسرائيل کان پڇا ڪر

ع ٢٥

ڪَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۭ بَيِّنَةٍ ؕ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

ڪيترائي ڏنا سون انهن کي حڪم چٽا ۽ جيڪو بدلائيندو نعمت الله جي ان کان پوءِ

ته ڪين ڪيترين چٽين نشانيون ڏنيون سون! ۽ جيڪو الله جي نعمت کي پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ

مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا

جو آئي ان وٽ ته يقينا الله سخت عذاب ڪندڙ آهي، سينگاري وئي ڪافرن لاءِ

مٽائيندو ته بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي، ڪافرن لاءِ دنيا جي حياتي سينگاري وئي

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا

حياتي دنيا جي ۽ اهي لوڪون ڪن ٿا ايمان وارن تي. ۽ جن خدا ترسي ڪئي

۽ مومنن سان ٺٺوليون ڪندا آهن ۽ جيڪي پرهيزگار آهن سي قيامت جي ڏينهن

وقف لازم

فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾
متي هوندا انهن کان قيامت ڏينهن، ۽ الله رزق ڏئي ٿو جنهن کي گهري بنا حساب.
انهن (ڪافرن) جي مٿان هوندا. ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي.

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً قف فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ
هئا ماڻهو هڪڙي جماعت، پوءِ موڪليو الله نبين کي خوشخبري ڏيندڙ
سڀ ماڻهو هڪ ٽولي هئا، پوءِ (ڦري اختلاف ۾پيا تنهن ڪري) الله پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ

وَمُنْذِرِيْنَ ۖ وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ
۽ ڏيڄاريندڙ ڪري ۽ لاٿائين انهن سان گڏ ڪتاب سچو جيئن فيصلو ڪري ماڻهن جي وچ ۾ان جو
۽ ڏيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ ساڻن سچ سان ڪتاب هن لاءِ لاٿائين ته (اهو ڪتاب) ماڻهن جي وچ ۾

فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ
جنهن ۾ جهڳڙو ڪندا هئا، ۽ رڳو جهڳڙو ڪيو ان ۾ انهن جن کي ڏنو ويو ڪتاب
جنهن (ڳالهه) بابت جهڳڙو ڪندا آهن (تنهن بابت) نبيرو ڪري، ۽ انهيءَ بابت (ٻئي ڪنهن به) تڪرار نه ڪيو

مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ
هن کان پوءِ جو آيا انهن وٽ صاف دليل هوڏ ڪندي پاڻ ۾، پوءِ راهه وڌائي الله
پر جن کي اهو (ڪتاب) ڏنو ويو تن پڌرن حڪمن اچڻ کان پوءِ پاڻ ۾ ساڙ پيل سببان (تڪرار ڪيو) پوءِ الله

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَهْدِيْ
مومنن کي اها راهه اختلاف ڪيائون جنهن ۾ حق واري پنهنجي حڪم سان، ۽ الله هدايت ڪري ٿو
اها سچي ڳالهه جنهن بابت جهڳڙو ڪيائون تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان مومنن کي سڌو رستو ڏيکاريو. ۽ الله

مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢١٣﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا
جنهن کي چاهي ٿو رستي سڌي ڏانهن. ڇا ڀانيو ٿا ته ويندؤ توهان
جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. (اي مسلمانوا اوهين) هن هوندي به بهشت ۾ گهڙڻ

الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ
بهشت ۾ ۽ اڃا نه آئي توهان وٽ حالت انهن واري جيڪي گذريا توهان کان اڳي، جو پهتي انهن کي
جو گمان ڪندا آهيو ڇا؟ جو اڃا اوهان تي انهن واري حالت نه آئي آهي، جيڪي اوهان کان اڳ گذريا. جن کي

الْبَاْسَآءُ وَالضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
سختي ۽ تڪليف ۽ ڏوڏايا ويا تان جو چوڻ لڳو رسول ۽ جن ايمان آندو
سختائي ۽ ڏک پهتو ۽ ايستائين لوڏيا ويا جيستائين پيغمبر ۽ جيڪي مومن ساڻس هئا (تن دعا گهري)

مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ
ان سان تہ ڪڏهن ايندي مدد الله جي، خبردار! مدد الله جي ويجهي آهي. پڇا ڪن ٿا توکان
چيو تہ الله جي مدد ڪڏهن پهچندي! (چيو وين تہ) هوشيار رهو! الله جي مدد ويجهي آهي!. (اي پيغمبر!)
مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَ
تہ ڇا خرچ ڪن، تون چؤ جيڪي خرچ ڪندؤ مال سو هجي ماءُ پيءُ ۽
توکان پڇن ٿا تہ (اهي) ڇا خرچين؟ (کين) چئو تہ جيڪو مال خرچيو سو ماءُ پيءُ ۽
الْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا
مائٽن ۽ يتيمن ۽ ڏتڙيلن ۽ مسافرن لاءِ، ۽ جيڪي ڪندؤ توهان
مائٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي (ڏيڻ جڳائي) ، ۽ جيڪا چڱائي ڪندو (سا لهندو)
مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۲۱۵﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ
ڪو خير پوءِ بيشڪ الله انهيءَ ڪي ڄاڻندڙ آهي. فرض ڪئي وئي توهان تي جنگ ۽ اها بري لڳي ٿي
ڇو تہ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي. (اي مومنو!) اوهان تي (ڪافرن سان) ويڙهہ ڪرڻ فرض ڪئي وئي آهي ۽ اُها اوهان کي
لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا
توهان کي ۽ شايد توهان برو سمجهو ڪنهن شيءِ کي ۽ هجي اها چڱي توهان لاءِ. ۽ ڪڏهن پسند ڪريو
ناپسند لڳندي آهي ۽ شايد (اوهين) ڪنهن شيءِ کي ناپسند ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اها اوهان لاءِ ڀلي هجي ، ۽ شايد ڪنهن شيءِ کي
شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱۶﴾ ع يَسْـَٔلُوْنَكَ ع ٢٦ ١٠
ڪنهن شيءِ کي ۽ اها خراب هجي توهان لاءِ ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو. پڇا ڪن ٿا توکان
پيارو رکو ۽ اُها اوهان لاءِ بڇڙي هجي ، ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو. (اي پيغمبر!) توکان
عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ
مهيني عزت واري ۾ لڙائي ڪرڻ بابت، چؤ لڙائي ڪرڻ ان ۾ وڏو گناهہ آهي ۽ روڪڻ
عزت وارن مهينن ۾ جنگ بابت پڇن ٿا ، چئو تہ منجهن ويڙهہ ڪرڻ وڏو گناهہ آهي ، ۽
عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ
رستي الله جي کان ۽ انڪار ڪرڻ اُن جو ۽ (روڪڻ) مسجد حرام کان ۽ ڪيڍي ڇڏڻ اتان وارن کي
الله جي واٽ کان جهلڻ ۽ الله کي نہ مڃڻ ۽ مسجد حرام کان روڪڻ ۽ سندس رهڻ وارن کي منجهانئس لوڏڻ
مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ وَلَا يَزَالُوْنَ
ان مان وڏو گناهہ آهي الله وٽ، ۽ فتنو ڪرڻ گهڻو وڏو آهي قتل ڪرڻ کان. ۽ هميشہ
الله وٽ (اُن کان) تمام وڏو گناهہ آهي، ۽ فتنو (يعني شرڪ) خون ڪرڻ کان بلڪل وڏو ڏوهہ آهي ، ۽ (ڪافر) جيڪڏهن

يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَمَنْ

لڙائي ڪندا رهندا توهان سان جيئن هٽائين توهان کي توهان جي دين کان جيڪڏهن ڪري سگهيا، ۽ جيڪو

پڄي سگهندا ته اوهان سان ايستائين سدائين پيا وڙهندا جيستائين اوهان کي اوهان جي دين (اسلام) کان

يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ

ڦري ويو اوهان مان پنهنجي دين کان پوءِ مئو ڪفر تي پوءِ اهي آهن جو برباد ٿيا

ڦيرائين، ۽ اوهان مان جيڪي پنهنجي دين کان ڦرندا پوءِ اهي ڪافر ٿي مرندا تن جي

اَعْمَالُهُمْ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ

عمل انهن جا دنيا ۾ ۽ آخرت ۾، ۽ اهي ٿي دوزخي آهن، اهي

ڪئي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي ويئي، ۽ اهي دوزخي آهن، اهي

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۱۷﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا

ان ۾ هميشه رهندا. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيائون

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. جن ايمان آندو ۽ جن الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيو

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

الله جي راه ۾ اهي ٿي اميد رکن ٿا الله جي رحمت ۾ ۽ الله بخشيندڙ

۽ جهاد ڪيو سي. الله جي. باجهه جا اميدوار آهن. ۽ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿۲۱۸﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ

مهربان آهي. پڇا ڪن ٿا توکان نشي ۽ گوٽ هلائڻ بابت چؤ انهن ٻنهي ۾ گناهه وڏو آهي

مهربان آهي. (اي پيغمبر!) توکان شراب ۽ جوا بابت پڇن ٿا، چئو ته انهن ۾ وڏو گناهه

وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ

۽ ڪي فائدا به آهن ماڻهن لاءِ ۽ گناهه ٻنهي جو وڌيڪ وڏو آهي فائدي انهن جي کان، ۽ پڇا ڪن ٿا توکان

۽ ماڻهن لاءِ (ڪجهه) فائدا آهن ۽ سندن فائدي کان انهن جو گناهه تمام وڏو آهي، ۽ (پڻ) توکان پڇن ٿا ته

مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ

ته ڇا خرچ ڪن. چؤ "بچت". اهڙي طرح بيان ٿو ڪري الله توهان لاءِ آيتون

(اهي خيرات ۾) ڇا خرچ ڪن؟ چئو ته (گهرج کان) وڌيڪ (بچت خرچيو)، اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ آيتون بيان ڪندو آهي

لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱۹﴾ ۙ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ

ته جيئن توهان سوچ ڪريو. دنيا ۽ آخرت ۾، ۽ پڇا ٿا ڪن توکان

ته من اوهين سوچيو. دنيا ۽ آخرت (جي ڪمن) ۾، ۽ (اي پيغمبر!) توکان يتيمن بابت پڇن ٿا.

اَلْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ

يتيمن بابت. چؤ سڌارڻ انهن کي تمام ڀلو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان ڪڏهن رهو انهن سان تہ توهان جا ڀائر آهن

چئو تہ انهن لاءِ سڌار ڀلي آهي، ۽ جيڪڏهن کين (ڪاڌي پيتي ۾ پاڻ سان) گڏيو تہ اوهان جا ڀائر آهن.

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ

۽ الله ڄاڻي ٿو بگاڙيندڙ ۽ سنواريندڙ کي، ۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ تنگ ڪري ها توهان کي

۽ الله بگاڙيندڙ کي سڌاريندڙ کان ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان کي سختيءَ ۾ وجهي ها،

اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۰﴾ وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ؕ

بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ۽ نہ نڪاح ڪريو شرڪ ڪندڙ عورتن سان جيستائين ايمان آڻن

چو تہ الله غالب حڪمت وارو آهي. ۽ (اي مسلمانو! ايستائين) مشرڪياڻين کي نہ پرڻجو جيستائين ايمان آڻين،

وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا

۽ البت ٻانهي مومنياڻي ڀلي آهي شرڪ واريءَ کان توڙي جو وڻي اها توهان کي ۽ نہ نڪاح ڪرايو

۽ بيشڪ مومنياڻي ٻانهي مشرڪياڻيءَ کان ڀلي آهي، جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪياڻي) زياده وڻي، ۽ اوهين

الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ؕ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ

شرڪ ڪندڙ جو جيستائين جو ايمان آڻين ۽ البت ٻانهو مؤمن وڌيڪ ڀلو آهي مشرڪ کان

(ايسين) مشرڪن کي نہ پرڻايو جيسين ايمان آڻين. ۽ بيشڪ مؤمن ٻانهو (آزاد) مشرڪ کان ڀلو آهي،

وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا

توڙي جو اهو وڻي توهان کي، اُهي سڏن ٿا دوزخ ڏانهن ۽ الله سڏي ٿو

جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪ) زياده وڻي، اهي (مشرڪ) باهہ ڏانهن سڏيندا آهن ۽ الله پنهنجي ارادي موجب

اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

بهشت ۽ بخشش ڏانهن پنهنجي حڪم سان ۽ بيان ڪري ٿو پنهنجي آيتن کي ماڻهن لاءِ تہ من

بهشت ۽ بخشش ڏانهن سڏيندو آهي ۽ پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ بيان ڪندو آهي تہ مَنَ اُهي نصيحت وٺن.

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۲۱﴾ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ؕ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ ع ۲٦/۵ ۱۱

اهي هوشيار ٿين. ۽ پڇا ڪن ٿا توکان حيض بابت، چؤ اهو اهنج آهي

۽ (اي پيغمبر!) توکان حيض (جي حڪم) بابت پڇن ٿا، چئو تہ اها پليتي آهي،

فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِى الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى

سو پري رهو عورتن کان حيض جي مُدت ۾ ۽ نہ ويجها ٿيون جيستائين

تنهن ڪري زالن کان حيض ۾ پري ٿيو ۽ ايستائين کين ويجها نہ وڃو جيستائين

يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ

پاڪ ٿين پوءِ جڏهن پاڪ ٿي پيون تڏهن اچو انهن ڏانهن جتان حڪم ڪيو توهان کي الله،

پاڪ ٿين. پوءِ جڏهن بلڪل پاڪ ٿين تڏهن جنهن وات کان الله اوهان کي موڪل ڏني آهي (اُنهيءَ کان) اُنهن ڏانهن اچو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾ نِسَآؤُكُمْ

بيشڪ الله محبت رکي ٿو توبه ڪندڙن سان ۽ محبت رکي ٿو پاڪائي رکندڙن سان. زالون توهان جون

بيشڪ الله توبهه ڪندڙن کي دوست رکندو آهي ۽ (پڻ) پاڪائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي. اوهان جون

حَرْثٌ لَّكُمْ ۪ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۫ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ

پوک آهي توهانجي لاءِ پوءِ اچو پنهنجي پوک ڏانهن جيئن توهان گهرو ۽ اڳي موڪليو پاڻ لاءِ،

زالون اوهان لاءِ پوک آهن، پوءِ پنهنجي پوک ڏانهن جيئن وڻيو تيئن اچو ۽ پاڻ لاءِ (چڱا ڪم)

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۲۳﴾

۽ ڊڄو الله کان ۽ ڄاڻو ته بيشڪ اوهان ان سان ملندؤ، ۽ مبارڪ ڏيو مؤمنن کي.

اڳي موڪليو، ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته اوهين ساڻس ملندڙ آهيو. ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي.

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَ

۽ نه ڪريو الله (جي نالي) کي آڙ پنهنجي قسمن لاءِ احسان ڪرڻ ۽ پرهيزگاري ڪان ۽

۽ اوهين پنهنجن قسمن لاءِ، چڱائيءَ ڪرڻ ۽ پرهيزگاري ڪرڻ ۽ ماڻهن جي وچ ۾

تُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۴﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ

صلح ڪرائڻ کان ماڻهن جي وچ ۾، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. نه وٺ ڪندو توهان کي

صلح ڪرائڻ کان (پاسو ڪرڻ واسطي) الله جو اسم پيش نه ڪريو. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. الله اوهان کي

اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْۤ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ

الله توهان جي اجاين قسمن ۾ پر پڪڙيندو توهان کي اُن تي جو ارادو ڪيو

اوهان جي اجاين قسمن کڻڻ ۾ نه وٺ ڪندو آهي، پر اوهان جي دلين جيڪا نيت ڪئي آهي تنهن تي

قُلُوْبُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۲۵﴾ لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ

توهان جي دلين، ۽ الله بخشيندڙ سهپ رکندڙ آهي، انهن لاءِ جيڪي قسم کڻن ٿا پنهنجي زالن کان

پڪڙيندو آهي، ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي. جيڪي پنهنجين زالن (جي صحبت) کان قسم کڻن تن کي چار

تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲۶﴾

مهلت آهي چار مهينا، پوءِ جي موٽي مليا ته الله بخشيندڙ مهربان آهي.

مهينا ترسڻو آهي، پوءِ جيڪڏهن (انهن ڏانهن اُن وقتن ۾) موٽيا ته (ڀلي موٽن) ڇوته الله بخشڻهار مهربان آهي.

وَاِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٧﴾ وَالْمُطَلَّقٰتُ
۽ جي پڪوارادو ڪيائون طلاق جو تہ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتون
۽ جيڪڏهن طلاق جو پڪو ارادو ڪيائون (تہ ڀلي ڪن) ڇو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ طلاق ڏنل زالون
يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ
ترسائين پاڻ کي ٽي حيض، ۽ ناهي جائز انهن کي جو لڪائين
پاڻ کي (ٻئي نڪاح ڪرڻ کان) ٽي حيض جهلين، ۽ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي
مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ
جيڪي پيدا ڪيو الله سندن پيٽن ۾ جيڪڏهن اهي ايمان رکن ٿيون الله ۽ آخرت تي،
مڃينديون آهن تہ الله سندين گهٽين ۾ جيڪي (ٻار يا حيض) پيدا ڪيو آهي سو ڪين لڪائڻ روا نہ آهي،
وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ؕ
۽ سندن مڙس حق رکن ٿا موٽائڻ جو انهن کي انهيءَ (مدت) ۾ جيڪڏهن نيت رکن ٿا سڌاري آڻڻ جي،
۽ اُن (مدت) ۾ سندن مڙس جيڪڏهن سڌارو گهرن تہ سندن موٽائڻ جا وڌيڪ حقدار آهن، ۽ جهڙا (مڙسن جا
وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۪ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ
۽ عورتن لاءِ اهڙوئي (حق) آهي جهڙو عورتن مٿان جائز طرح ۽ مردن جو انهن تي
حق) انهن (زالن) تي آهن تهڙا اُنهن (زالن) جا (حق مڙسن تي) چڱيءَ ريت شان آهن. ۽ مڙسن کي مٿن
دَرَجَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢٨﴾ ع اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۪ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ ٢٨ ع ٧ ١٢
مرتبو آهي، ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي. طلاق (رجعي) آهي ٻہ ڀيرا پوءِ جهلڻ گهرجي جائز طور
وڏو مانُ (يعني حڪومت) آهي، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. طلاق (رجعي پورا) ٻہ ڀيرا آهي، پوءِ چڱيءَ
اَوْ تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ
يا ڇڏي ڏيڻ چڱائي سان ۽ ناهي جائز توهان کي موٽائي وٺڻ ان مان جو ڏنو توهان انهن کي
طرح سان جهلڻ يا احسان سان ڇڏڻ (لازم) آهي، ۽ جيڪي ڪين ڏنو اٿوَ تنهن مان ڪجهه (ورائي) وٺڻ اوهان کي هن
شَيْـًٔا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا
ڪجهہ بہ مگر جو ڊڄن ٻئي تہ نہ سنڀاليندا حڪم الله جا پوءِ جي توهان ۾ ڊڄو ٿا تہ اهي ٻئي نہ سنڀاليندا
(حالت) کان سواءِ حلال نہ آهي جو ٻئي الله جي حدن کي نہ پوري ڪرڻ کان ڊڄن، پوءِ جيڪڏهن (اي مسلمانؤ) اوهين ڊڄو تہ ٻئي
حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ
حڪم الله جا تہ ناهي گناهہ ٻنهي تي هن ۾ تہ اها عوض ڏئي انجو، اهي
الله جي حدن کي پورو ڪري نہ سگهندا تہ (زال) جيڪا شيءِ عيوض ۾ ڏئي تنهن (جي ڏيڻ وٺڻ) ۾ ٻنهي تي گناهہ

حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ
حدون اللہ جون آهن پوءِ نہ وڌي وڃو انهن کان، ۽ جيڪي ٽپي ويندا حدون اللہ جون پوءِ اهي
نہ آهي. اهي اللہ جون حدون آهن انهن کان لنگهي نہ وڃو. ۽ جيڪي اللہ جي حدن کان لنگهي ويندا سي
هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٢٩﴾ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ حَتّٰى
ئي ظالم آهن. پوءِ جي (ٽين) طلاق ڏنائينس پوءِ نہ ٿيندي حلال انهي لاءِ ان کان بعد جيستائين
ظالم آهن. پوءِ جيڪڏهن اُن کي (ٽين) طلاق (بہ) ڏنائين تہ اُن کان پوءِ (اها زال) اُن کي (ايستائين) حلال نہ ٿيندي
تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهٗ ۗ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يَّتَرَاجَعَآ
شادي ڪري مڙس ٻئي سان، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ طلاق ڏنس تہ ناهي گناهہ انهن تي جو موٽي نڪاح ڪن
جيستائين (اها) ٻيو مڙس پرڻي، پوءِ جيڪڏهن (اُن ٻہ) کيس طلاق ڏني، تہ جيڪڏهن ٻئي (ڄڻا) اللہ جي حدن کي قائم رکي سگهڻ
اِنْ ظَنَّآ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۗ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا
جي ڀانئن تا تہ قائم رکندا حدون اللہ جون. ۽ اهي قانون آهن اللہ جا بيان ڪري ٿو انهن کي
(جي پڪ) ڀانئين ٿا تہ (تڏهن پاڻ ۾ نڪاح ڪري) موٽڻ تہ ٻنهي تي گناهہ نہ آهي. ۽ اهي اللہ جون حدون آهن انهن کي
لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٠﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ
ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا. ۽ جڏهن طلاق ڏنو زالن کي پوءِ پهچن پنهنجي عدت کي
اُن قوم لاءِ بيان ڪندو آهي جي ڄاڻندا آهن. ۽ جڏهن زالن کي (ٻہ ڀيرا) طلاق ڏيو پوءِ اُهي پنهنجي (عدت جي) مدي کي
فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۠ وَلَا تُمْسِكُوْهُنَّ
تہ جهليو ڪين چڱيءَ ريت يا ڇڏي ڏيونِ چڱائي سان ۽ نہ جهليو انهن کي
(اچي) پهچڻ لڳن تہ (تڏهن يا) انهن کي چڱيءَ ريت سان رکو يا انهن کي چڱيءَ ريت سان ڇڏيو ۽ ڏکوئڻ لاءِ
ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۗ وَلَا
نقصان پهچائڻ لاءِ جيئن توهان تعدي ڪريو ۽ جيڪو ڪندو ائين تہ بيشڪ انهيءَ ظلم ڪيو پاڻ تي. ۽ نہ
ڪين نہ جهليو تہ زيادتي ڪيو ۽ جيڪو ائين ڪندو تنهن بيشڪ پاڻ تي ظلم ڪيو، ۽
تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۫ وَّاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ
بڻايو اللہ جي آيتن کي مسخري ۽ ياد ڪريو نعمت اللہ جي کي جا توهان تي آهي. ۽ ان کي جيڪي نازل ڪيائين
اللہ جي حڪمن کي ٺٺوليون ڪري نہ وٺو، ۽ پاڻ تي اللہ جي نعمت ياد ڪريو ۽ جيڪي اوهان تي ڪتاب ۽
عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا
توهان تي ڪتاب ۽ حڪمت. سمجهائي ٿو توهان کي اُن سان، ۽ ڊڄو اللہ کان ۽ يقين ڪريو
دانائيءَ مان لاٿائين جنهن سان اوهان کي نصيحت ڏيندو آهي (اهو احسان بہ ياد ڪريو)، ۽ اللہ کان ڊڄو ۽ ڄاڻو

اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿٢٣١﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ

تہ بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جڏهن طلاق ڏني توهان زالن کي پوءِ پهتيون

تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جڏهن زالن کي طلاق ڏيو، پوءِ پنهنجي (عدت جي) مدت کي

اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ یَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا

پنهنجي عدت کي تہ نہ روڪيو انهن کي نڪاح ڪرڻ کان پنهنجي مڙسن سان جڏهن راضي ٿي پيا

پهچن تہ ڪين پنهنجن مڙسن سان پرڻجڻ کان نہ جهليو، جڏهن تہ پاڻ ۾

بَیْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ یُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ یُؤْمِنُ

پاڻ ۾ چڱي ريت، اهو وعظ ڪيو وڃي ٿو ان کي جيڪو توهان مان ايمان رکي ٿو

چڱيءَ ريت سان راضي ٿين. اهو (حڪم) آهي جيڪو اوهان مان الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي تنهن کي

بِاللّٰهِ وَالْیَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ

الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي، اهو اٿو تمام سٺو توهان لاءِ ۽ نهايت پاڪ ۽ الله ڄاڻي ٿو

اُن سان نصيحت ڏجي ٿي، اهو (حڪم) اوهان کي ڏاڍو صاف ڪندڙ ۽ بلڪل پاڪ ڪندڙ آهي. ۽ الله ڄاڻندو آهي

وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ وَالْوَالِدٰتُ یُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَیْنِ

۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو ۽ مائرون ٿڃ ڏين ٻارن پنهنجن کي ٻہ سال

۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو. ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي پورا ٻہ ورهہ ٿڃ پيارين (اهو حڪم)

كَامِلَیْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ یُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ

پورا انهيءَ لاءِ جيڪو چاهي تہ پورو ڪرائي ٿڃ جو وقت، ۽ ٻار واري تي آهي

انهيءَ لاءِ آهي جيڪو ٿڃ پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ گهري ۽ انهن (مائرن) جي خوراڪ ۽ انهن جي پوشاڪ

رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ

خوراڪ انهن جي ۽ پوشاڪ انهن جي رواج طور نہ تڪليف ڏبي ڪنهن کي مگر ان جي طاقت آهر.

هلي چليءَ وانگر پيءُ تي آهي. ڪنهن کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿي ڏجي.

لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ق وَ

نہ ڏکائي وڃي ماءُ پنهنجي ٻار سبب ۽ نڪي پيءُ پنهنجي ٻار سبب ۽

ماءُ کي ٻار سببان تڪليف نہ ڏجي ۽ نڪي پيءُ کي ٻار سببان، (تڪليف ڏجي) ۽

عَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَ

وارث تي پڻ ائين ئي لازم آهي پوءِ جي ٻنهي ارادو ڪيو ٿڃ ڇڏائڻ جو هڪ ٻئي جي رضامندي ۽

وارث تي (بہ) اهڙوئي (حق) آهي، پوءِ جيڪڏهن ٻئي پنهنجي رضامندي ۽ صلاح سان (ٻار جي ٿڃ

تَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا

مشوري سان تہ ٻنهي تي، ۽ جيڪڏهن گهرو ٿا توهان (ٻين کان) ٿڃ ڏيارڻ

ڇڏائڻ گهرن تہ مٿن گناهہ نہ آهي، ۽ جيڪڏهن پنهنجي اولاد کي (ٻيءَ کان) ٿڃ پيارڻ گهرو تہ

اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ

پنهنجن ٻارن کي تہ ناهي گناهہ توهان تي جڏهن ڏيو ٿا اهو جيڪو ڏيڻو اٿوَ رواج موجب

جڏهن اوهان رواج موجب (پيارينديءَ کي) جيڪي ڏيڻو ڪيو سو پهچايو، تڏهن اوهان تي ڪو گناهہ نہ آهي.

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٣﴾ وَالَّذِيْنَ

۽ ڊڄو الله کان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ اهي جيڪي

۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. ۽ اوهان مان

يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ

مري وڃن ٿا توهان مان ۽ ڇڏين ٿا زالون تہ اهي رَهائينديون پاڻ کي چار

جيڪي مرن ۽ زالون ڇڏين تہ اُهي (زالون) پاڻ کي چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن ترسائين، پوءِ جڏهن

اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا

مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن پوءِ جڏهن پهچن پنهنجي عدت کي تہ ناهي گناهہ توهان تي ان ۾

پنهنجيءَ (عدت جي) مدت کي پهچن تڏهن جيڪي رواج موجب (يعني شرعي نڪاح) پنهنجي حق ۾

فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٣٤﴾

جو اهي ڪن پنهنجي حق ۾ دستور مطابق، ۽ الله توهان جي ڪمن جي خبر رکندڙ آهي.

ڪن تنهن ۾ اوهان تي ڪو گناهہ ڪونهي، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ

۽ ناهي ڪو ڏوهہ توهان تي ان ۾ جو اشارو ڪريو ٿا ان سان زالن جي سڱ ڇڪڻ جو

۽ زالن جي سنگ ڇڪائڻ بابت (عدت ۾) جيڪي آڇ ڪريو يا دلين ۾ لڪايو

اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ

يا لڪايو ٿا ان کي پنهنجي دلين ۾، ڄاڻي ٿو الله تہ اجهو ڳالهہ ڪندؤ انهن سان پر

تنهن ۾ اوهان تي گناهہ نہ آهي، الله ڄاڻو آهي تہ اوهين انهن (زالن) کي سگهو ئي ياد ڪندؤ پر

لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ؕ۬ وَلَا تَعْزِمُوْا

نہ وعدو ڪجو انهن سان ڳجهو مگر، چوڻ گهرجي ڳالهہ سهائيندڙ، ۽ نہ ڪجو فيصلو

رواجيءَ طرح چئي چوڻ کان سواءِ ڪين ڳجهو انجام نہ ڏيو، ۽ نڪي ايستائين

عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ

نڪاح ٻڌڻ جو جيستائين پهچي عدت پنهنجي پڄاڻيءَ کي ۽ سمجهو تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو

نڪاح جي پڪي نيت ڪريو جيستائين عدت پنهنجيءَ مدت کي پهچي، ۽ ڄاڻو تہ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي

مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٣٥﴾ ع

جو توهان جي دلين ۾ آهي پوءِ ڊڄوان کان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ الله بخشڻهار بردبار آهي.

سو الله ڄاڻندو آهي تنهن ڪري ڪانئس ڊڄو، ۽ ڄاڻو تہ الله بخشڻهار بردبار آهي.

لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ

ناهي ڪوڏوھ توهان تي جيڪڏهن طلاق ڏني اٿوَ زالن کي ان وقت جونہ هٿ لاتو اٿوَ انهن کي يا نہ

جيڪڏهن زالن کي (انهيءَ وقت) طلاق ڏيو جڏهن اڃا کين هٿ نہ لاتو اٿوَ يا انهن لاءِ ڪابين مقرر نہ ڪيو

تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۖۚ وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ

مقرر ڪيو اٿوَ انهن لاءِ مَهر ۽ سامان ڏيو انهن کي سگهاري تي آهي سگھ آهر

اٿوَ تہ اوهان تي گناه ڪونهي ۽ کين نفعي وٺڻ لاءِ هليءَ چليءَ وانگر (گهٽ ۾ گهٽ) جوڙو ڏيو. آسودي تي

وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾

۽ سڃي تي سگھ آهر سامان شرع موجب اهو حق آهي چڱائي وارن تي.

پنهنجي وس آهر ۽ غريب تي پنهنجي وس آهر آهي، (اهو ڪم) ڀلارن تي لازم آهي.

وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ

پر جيڪڏهن طلاق ڏنوَ انهن کي اڳي هن کان جو هٿ لايو انهن کي ۽ مقرر ڪيو اٿوَ

۽ جيڪڏهن کين هٿ لائڻ کان اڳ، هن حالت ۾ انهن کي طلاق ڏيو جو ڪابين مقرر ڪيو اٿوَ

لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا

انهن لاءِ مهر پوءِ اڌ ان جو جيڪي مقرر ڪيو اٿوَ مگر جو معاف ڪن ٿيون يا بخشي ٿو

تہ جيڪي مقرر ڪيو اٿوَ تنهن جو اڌ (ڏيڻ لازم آهي) پر جي (زالون) بخشين يا جنهن جي هٿ ۾

الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَ

اهو جنهن جي هٿ ۾ عقدَ نڪاح جي آهي ۽ توهان جو بخشڻ زور ويجهو آهي پرهيزگاري کي، ۽

نڪاح جي ڳنڍ آهي (يعني مڙس) سو بخشي (يعني پورو ڏي)، ۽ اوهان جو بخشڻ پرهيزگاريءَ کي

لَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾

نہ وساريو احسان ڪرڻ پاڻ ۾، بيشڪ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي.

ڏاڍو ويجهو آهي، ۽ اوهين پاڻ ۾ نيڪيءَ کي نہ وساريو، جو تہ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ق وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾
پاٻنديءَ ڪريو سيني نمازن تي ۽ (خاص) وچينءَ نماز تي ۽ بيهو الله لاءِ فرمانبرداريءَ تي.
سيني نمازن تي ۽ (خصوصن) وچينءَ نماز تي نگهباني ڪريو ۽ الله لاءِ فرمانبرداريءَ تي بيهو. پوءِ جيڪڏهن دشمنن کان

فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ج فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا
پوءِ جيڪڏهن خوف اٿوَ تہ پيادا ئي پڙهو يا سواري تي، پوءِ جڏهن بي خوف ٿيو تہ ياد ڪريو الله کي جيئن
دٻو تہ پيادا ئي يا سواريءَ (اشارن سان نماز پڙهو). پوءِ جڏهن بي ڊپا ٿيو تڏهن جيئن اوهان کي جي نہ ڄاڻندا هيوَ

عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ
سيکاريائين توهان کي اهو جيڪو توهان نہ ڄاڻندا هئا. ۽ جيڪي وفات ڪن ٿا توهان مان ۽
سيکاريائين تيئن (سيني رڪنن جي بجا آوريءَ سان) الله کي ياد ڪريو. ۽ اوهان مان جيڪي مرن

يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۚۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ج
ڇڏن ٿا زالون، تہ ڇڏي وڃن پنهنجن زالن لاءِ سامان ڏيڻ جو سال تائين ۽ (گهر مان) نہ ڪڍڻ جو
۽ زالون ڇڏين تن کي هڪ ورهہ تائين پنهنجين زالن لاءِ (کين) فائدي ڏيڻ (۽) نہ لوڏڻ جي وصيت ڪرڻ لازم آهي،

فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ
پوءِ جيڪڏهن نڪري وڃن تہ ناهي گناهہ توهان تي انهيءَ ۾ جو اختيار ڪن پنهنجي حق ۾ کا
پوءِ جيڪڏهن (اهي) نڪرن تہ جيڪي پنهنجي حق ۾ (شريعت جي) دستور موجب ڪن تنهن ۾

مَّعْرُوْفٍ ط وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ط حَقًّا
چڱي پَر، ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتن کي نفعو ڏيڻو آهي دستور مطابق، اهو لازم آهي
اوهان تي گناهہ نہ آهي، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. ۽ طلاق ڏنل لاءِ هليءَ چليءَ وانگر

٣١ ع ٧ ١٥ عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ع ﴿٢٤٢﴾ اَلَمْ
خدا ترسن تي. اهڙي طرح پڌائي ٿو الله اوهان کي پنهنجا حڪم تہ من توهان سمجهو. ڇا نہ
پرهيزگارن تي خرچ لازم آهي. اهڙيءَ طرح الله پنهنجا حڪم اوهان لاءِ پڌرا ڪري ٿو تہ مَنَ اوهين سمجهو.

تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ص
ڏٺو تو انهن کي جي نڪتا گهرن پنهنجن مان ۽ اهي هئا هزارين موت جي ڀؤ کان
(اي ڏسندڙ!) انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيءَ ڇا؟ جيڪي پنهنجن ديسن مان موت جي ڀئو کان نڪتا ۽ اهي هزارين هئا پوءِ

فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا قف ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ط اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ
پوءِ چيو انهن کي الله مري وڃو، پوءِ جيئرو ڪيائين انهن کي بيشڪ الله مهر وارو آهي ماڻهن تي
الله انهن کي فرمايو تہ مروا (تہ مري پيا) وري کين جياريائين، بيشڪ الله ماڻهن تي وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٢٤٣﴾ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا
پر گهڻا ماڻهو نه ٿا شڪرڪن. ۽ لڙائي ڪريو الله جي رستي ۾ ۽ ڄاڻو
پر گهڻا ماڻهو شڪر نه ڪندا آهن. ۽ (اي مسلمانو!) الله جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) ويڙهه ڪريو ۽ ڄاڻو

اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا
ته يقينن الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڪير آهي اهو جيڪو اوڌر ڏئي الله کي اوڌر سهڻي
ته الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اهو ڪير آهي جو الله کي چڱو قرض اُڌارو ڏئي؟

فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ۭ وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَاِلَيْهِ
پوءِ وڌائي ڏيندو اهو ان کي ٻيڻ ڪيترائي ۽ الله گهٽائي ٿو ۽ وڌائي ٿو ۽ ان ڏانهن
ته (الله) ان لاءِ گهڻي قدر وڌائي، ۽ الله (رزق) تنگ ڪري ٿو ۽ (الله) ڪشادو ڪري ٿو ۽

تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ وقف لازم
موٽايا ويندؤ. ڇا نه ڏٺي تو هڪ جماعت بني اسرائيل جي موسيٰ کان پوءِ،
ڏانهنس موٽايا ويندؤ. موسيٰ کان پوءِ بني اسرائيل جي ٽوليءَ ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟

اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ قَالَ
جڏهن چيائون نبيءَ پنهنجي کي مقرر ڪر اسان لاءِ ڪو بادشاهه (ته) لڙائي ڪريون راهه الله جي ۾. چيو پيغمبر
جڏهن پنهنجي پيغمبر کي چيائون ته اسان لاءِ ڪو بادشاهه مقرر ڪر ته الله جي واٽ ۾ ويڙهه ڪريون،

هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ۭ قَالُوْا وَمَا
ڇا ائين ته ناهيو جي حڪم ٿئي توهان کي جنگ جو ته نه لڙو. چيائون ڇا ٿيو آهي
(تڏهن پيغمبر) چيو ته، جيڪڏهن اوهان تي ويڙهه لازم ٿي ته اوهين وڙهڻ کي ويجها نه ويندو. چيائون ته

لَنَآ اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَ
اسان کي جو نه لڙنداسون راهه الله جي ۾ هوڏانهن ڪڍيا ويا آهيون گهرن پنهنجن ۽
اسان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله جي واٽ ۾ انهيءَ هوندي به نه وڙهنداسون جو (اسين) پنهنجن ديسن ۽ پنهنجن

اَبْنَاۗىِٕنَا ۭ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ۭ وَ
ٻارن پنهنجن مان. پوءِ جڏهن واجب ڪئي وئي انهن تي جنگ ته ڦري ويا مگر ٿورا انهن مان ۽
اولادن مان لوڏيا ويا آهيون؟ پوءِ جڏهن مٿن ويڙهه لازم ڪئي ويئي تڏهن منجهانئن ٿورڙن کان سواءِ

اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٤٦﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ
الله ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي. ۽ چيو انهن کي سندن نبيءَ بيشڪ الله موڪليو آهي
(سڀ) ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ سندن پيغمبر کين چيو ته، الله طالوت کي

لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَنَحْنُ اَحَقُّ
توهان لاءِ طالوت کي بادشاه ڪري، چيائون ڪيئن ٿيندي ان جي حڪومت اسان تي ۽ اسان وڌيڪ لائق آهيون
اوهان لاءِ بادشاه مقرر ڪيو آهي ، چيائون ته ان جي بادشاهي اسان تي ڪيئن ٿيندي! هن حالت ۾ جو اسين ڪانئس

بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ
حڪومت جا ان کان ۽ نه ڏني ويئي آهي ان کي آسودگي مال جي، چيائين يقينن الله چونڊيو آهي ان کي
بادشاهيءَ جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ مال مان ڪشادگي نه ڏني ويئي اٿس ، (پيغمبر ڪين) چيو ته، الله اُن کي اوهان تي

عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ بَسْطَةً فِى الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِىْ مُلْكَهٗ
توهان تي ۽ وڌايو آهي ان کي ڪشادو ڪري علم ۽ جسم ۾، ۽ الله ڏئي ٿو پنهنجو ملڪ
پسند ڪيو آهي ۽ ڪيس علم ۽ جسم ۾ گهڻو وڌايو اٿس۔ ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پنهنجو مُلڪ

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٧﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ
جنهن کي گهري ، ۽ الله گهڻو ڏيندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ چيو انهن کي سندن نبيءَ ته نشاني ان جي حڪومت جي
ڏيندو آهي ، ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ ڪين سندن پيغمبر چيو ته، اُن جي بادشاهيءَ جي نشاني

اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ
هيءَ آهي جو ايندي توهان وٽ صندوق جنهن ۾ تسلي هوندي توهان جي رب ڪان ۽ ڪي بچيل تبرڪات جي ڇڏيا هئا
اوهان وٽ صندوق جو اچڻ آهي جنهن ۾ اوهان جي پالڻهار ڪان دل جو سڪون ۽ جيڪي موسيٰ جي خاندان ۽ هارون جي خاندان

اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ
موسيٰ وارن ۽ هارون وارن کڻي ايندا انهيءَ کي ملائڪ، بيشڪ ان ۾ نشاني آهي اوهان لاءِ
(تبرڪ) ڇڏيو تنهن جي بچت آهي اُن کي ملائڪ کڻي ايندا، جو ته اُن ۾ اوهان لاءِ بيشڪ (وڏي) نشاني آهي

اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٤٨﴾ ع فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ
جيڪڏهن اوهان ويساه رکندڙ آهيو. پوءِ جڏهن نڪتو طالوت لشڪر وٺي چيائين ته الله
جيڪڏهن اوهين مڃيندڙ آهيو. پوءِ جڏهن طالوت لشڪر سوڌو نڪتو (تڏهن لشڪر کي) چيائين ته، الله

مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّىْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ
آزمائيندو اوهان کي هڪ واه سان، پوءِ جيڪو پيئندو ان مان ته ناهي منهنجو ۽ جيڪو نه چکندو ان کي
نديءَ جي پاڻيءَ سان توهان کي پرکيندڙ آهي، پوءِ جيڪو منجهانئس پيئندو سو منهنجو نه آهي، ۽ جيڪو منجهانئس نه چکندو

فَاِنَّهٗ مِنِّىْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا
پوءِ بيشڪ اهو منهنجو آهي مگر جنهن ڀريو هڪ چرون پنهنجي هٿ سان، پوءِ گهڻن پيتو ان مان ڪن ٿورن
سواءِ هن جي جو پنهنجي هٿ سان هڪ لپ ڀري (پيئي) سو بيشڪ منهنجو آهي، پوءِ منجهائن ٿورڙن کان سواءِ (سڀني) اُن مان پيتو،

مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا
کان سواءِ. پوءِ جڏهن لنگهي ويوا تان پاڻ ۽ ايمان وارا انهيءَ سان گڏ چيائون ناهي طاقت اسان کي
پوءِ جنهن مهل اهو (طالوت) ۽ سندس سنگتي مومن اُن (نديءَ) کان لنگهيا (تنهن مهل پيئندڙن) چيو تہ اڄ اسان کي

الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا
اڄ مقابلي جي جالوت ۽ سندس لشڪرسان، چيو انهن جن سمجهيو تي تہ اُهي ملڻا آهن
جالوت ۽ سندس لشڪر سان (وڙهڻ جي) سگهہ نہ آهي، (۽ تنهن مهل) جيڪي پڪو پروسو رکندا هئا تہ اُهي الله کي ملڻا

اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً ۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ
الله سان كيترائي ٽولا ننڍا زور تي ويا جٿن وڏن کان الله جي حڪم سان، ۽ الله بيهڪ
تن چيو تہ، ڪيترين ٿورين ٽولين گهڻن ٽولين تي الله جي حڪم سان غالب ٿي ويون آهن ، ۽ الله صابرن سان

الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٤٩﴾ وَلَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا
وارن سان گڏ آهي. ۽ جڏهن نڪتا جالوت ۽ ان جي لشڪر لاءِ چيائون اي رب اسان جا پرتِ اسان تي
ساڻ آهي. ۽ جنهن مهل (اهي طالوتي) جالوت ۽ سندس لشڪر (جي وڙهڻ) لاءِ نڪتا (تنهن مهل) چيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان تي

صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾ ؕ فَهَزَمُوْهُمْ
مضبوطي ۽ پختا ڪر پير اسان جا ۽ سوڀ ڏج اسان کي ڪافر قوم تي. پوءِ ڀڄايائون انهن کي
صبر پلٽ ۽ اسان جا پير ثابت رک ۽ ڪافر ٽوليءَ تي اسان کي سوڀ ڏي! پوءِ الله جي حڪم سان

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۙ قف وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَ
الله جي حڪم سان ۽ ماريو وڌو دائود جالوت کي ۽ ڏني انکي الله بادشاهي ۽ سياڻپ ۽
کين ڀڄايائون ۽ دائود جالوت کي ڪُٺو ۽ الله اُن (دائود) کي بادشاهي ۽ حڪمت ڏني

عَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ
سيکاريائين ان کي جيڪي گهريائين، ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها هٽائڻ الله جو ماڻهن کي ، هڪڙن کي ٻين سان
۽ جيڪي ان لاءِ گهريائين سو سيکاريائين ، ۽ جيڪڏهن الله جو ٽارڻ هڪڙن ماڻهن سان ٻين کي نہ هجي ها

لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾
تہ ضرور تباهہ ٿي وڃي ها ملڪ پر الله مهر وارو آهي جهانن تي.
تہ زمين ضرور خراب ٿئي ها پر الله جهان (وارن) تي ڀلائي ڪرڻ وارو آهي.

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾
اهي حڪم الله جا آهن جو اسان پڙهي ٻڌايون ٿا توکي پوري طرح ۽ بيشڪ تون رسولن مان آهين.
اهي الله جا حڪم آهن. اهي تو تي سچ سان پڙهون ٿا، ۽ تون ضرور پيغمبرن مان آهين.

